
ذکر پاک شاہِ لولاک صلی اللہ علیہ وسلم
خيال کتري
ميلاد مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم آرگنائيزيشن مٽياري
2020.08.14 13:06

بسم الله الرحمٰن الرحيم

# ذڪر پاڪ شاهِ لولاڪ ﷺ

ليکڪ:

خيال ڪتري

ميلاد مصطفيٰ ﷺ آرگنائيزيشن مٽياري

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

## انتساب

ڪائنات جي ڪارڻي، اڙين جي آڌار، بيوسن جي پرجهلي، غريبن جي غمخوار، آقاءِ نامدار حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي ذات بابرڪات ڏانهن منسوب ڪجي ٿو. ان اميد سان تہ ضرور قبوليت جو شرف ماڻيندو ۽ اسان لاءِ بخشش جو سامان بڻجندو.

خيال ڪتري

بَلَغَ العُلیٰ بِکَمَالِهٖ
کَشَفَ الدُّجیٰ بِجَمَالِهٖ
حَسُنَتْ جَمِیْعُ خِصَالِهٖ
صَلُّوا عَلَیهِ وَآلِهٖ

(شيخ سعدي شيرازي رحمة الله عليہ)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

# مهاڳ

ڪروڙين حمد باري تعاليٰ جي لاءِ جيڪو ڪائنات جو خالق ۽ مالڪ آهي. اڻ ڳڻيا درود ۽ سلام محبوب باري تعاليٰ جي لاءِ جيڪو عالمين لاءِ رحمت آهي. بعد حمد و صلواة ناچيز جي هيءَ هڪ ننڍڙي ڪوشش آهي. جيڪا اوهان صاحبن جي هٿ ۾ آهي. ذڪر پاڪ شاهہ لولاڪ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم لکڻ جو مقصد عوام الناس کي آقاءِ دوجهان، حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي بي پايان شان مان ڪجھ شان آسماني ڪتابن مان سنڌي ٻوليءَ ۾ پيش ڪرڻ آهي. ڇاڪاڻ تہ اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ اهڙا ڪتاب جن ۾ اڳوڻن آسماني ڪتابن توريت، زبور ۽ انجيل مان شان بيان ٿيل آهي. سي تمام گهڻا موجود آهن. پر سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهٽ نظر ايندا. آقاءِ دوجهان حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي ذات بابرڪات کي رب العالمين ارڙهن هزار عالمن لاءِ رحمت بنائي موڪليو. تہ ان هستيءَ جو شان بہ ارڙهن هزار عالمن کان وڌ هوندو.

هيءَ هڪ ادنيٰ ڪوشش ڪئي وئي آهي. ان جو هڪ ٻيو مکيہ سبب هي آهي تہ ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم آرگنائيزيشن مٽياري جي شعبہ نشر و اشاعت کي عملي جامون پهرائڻ لاءِ بہ اشاعتي ڪم کي شروع ڪيو ويو آهي. جنهن جي هيءَ پهرين ڪڙي آهي. منهنجي ڪتاب پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ ڪتاب ۾ ضرور غلطيون هونديون. جنهن لاءِ معذرت خواهہ آهيان ۽ گڏوگڏ ڪين گذارش آهي تہ ڪتاب کي پڙهڻ وقت ڪين ڪي اوڻايون نظر اچن تہ انهن کان ضرور آگاهہ ڪن تہ جيئن انهن کي آئيندي ڇاپي ۾ سڌاريو وڃي.

اميد تہ پنهنجي راءِ ۽ مشورن سان ضرور نوازيندا.

**خيال ڪتري**

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
2020.08.14 16:10

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

# ذڪر پاڪ شاهِ لولاڪ ﷺ

خيال هو نہ ڏيان، بيان هو نہ بيابان، گل هو نہ گلستان، چمن هو نہ چمنستان، امڪان هو نہ امتحان درد هو نہ درمان، آستان هو نہ پاسبان، نغمہ خوان هو نہ ثنا خوان، مهمان هو نہ ميزبان، انسان هو نہ حيوان، جسم هو نہ جان، جن هو نہ غلمان، فرمان هو نہ فرقان، توريت هو نہ قرآن، ساز هو نہ سامان، زمَن هو نہ زمان، مڪين هو نہ مڪان، ڪجهہ بہ نہ هو جي هو تہ فقط عالمين جو پالڻهار، ڪائنات جو خلقڻهار هو. حديث قدسيءَ ۾ هن ريت تخليقِ ڪُل جو ذڪر اچي ٿو:

ڪُنۡتُ ڪَنۡزًا مَّخۡفِيًا فَاَحۡبَبۡتُ اَنۡ اُعۡرَفَ فَخَلَقۡتُ الۡخَلۡقَ (١)

"آئون هڪ لڪل خزانو هوس. بس چاهيم تہ سڃاتو وڃان، مون اها مخلوق پيدا ڪئي، جنهن کي پيدا ڪرڻ جو منهنجو ارادو هو."

اول الله، عليم اعليٰ عالم جو ڌڻي
قادر پنهنجي قدرت سين قائم آهِ قديم
والي، واحد، وحده، رازق رب رحيم
سو ساراهِ سچو ڌڻي، چئي حمد حڪيم
ڪري پاڻ ڪريم، جوڙون جوڙ جهان جي (٢)

پوءِ جهانن جي خالق، محبوب ڪريم ﷺ جو نور پيدا ڪيو(٣)

ڪئي ظاهر تنهنجي نُور ذات صفات
قدم تنهنجي قائم ڪئي، ڪائنات
تي وحدت بہ ڪثرت ثبوتي ثبات
مٺا مير محمد مدد ماڙ ڪر (٣)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اعليٰ حضرت، عظيم البرڪت الشاه احمد رضا خان فاضل بريلوي رحمة الله عليہ ڇا خوب فرمايو:

تو ہے سایہ نور کا، ہر عضو ٹکڑا نور کا
سایہ کا سایہ نہ ہوتا ہے نہ سایہ نور کا (٥)

الله تعاليٰ ارشاد فرمايو:

لَوْلَاكَ لَمَا اَظْهَرْتُ الرَّبُوبِيَّةَ (٦)

اي حبيب تون نہ هجين ها تہ آئون پنهنجي ربوبيت ظاهر نہ ڪريان ها.

لَوْلَاكَ لَمَا ظَهَرْتُ رَبُوبِيَّتِيْ (٧)

(اي حبيب) جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ منهنجي ربوبيت ظاهر نہ ٿئي ها.

لَوْلَاكَ لَمَا خَلَقْتُ الْاَفْلَاكَ وَلَمَا اَظْهَرْتُ الرَّبُوبِيَّةَ (٨)

(اي حبيب) جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ آئون آسمانن کي پيدا نہ ڪريان ها ۽ پنهنجي ربوبيت ۽ خدائي ظاهر نہ ڪريان ها.

مخزن سرِ خدا يا مصطفيٰ ﷺ مظهر نورِ خدا يا مصطفيٰ ﷺ
نور خالق باعث ايجاد خلق ﷺ پيشواءِ انبياء يا مصطفيٰ ﷺ (٩)

تخلیق دو جہاں کی جس نور سے ہوئی ہے
وہ نور در حقیقت نور محمدی ہے

(عبرت صديقي: ماهہ نامہ سلوڪ و احسان ڪراچي ماه شعبان رمضان ١٤١٠هجري)

لَوْلَاكَ يَا مُحَمَّدُ مَا خَلَقْتُ سَمَاءً وَلَا اَرْضًا وَلَا جَنَّةً وَّلَا نَارًا ـ (١٠)

اي محمد ﷺ جيڪڏهن تون نہ هجين ها تہ آئون نہ آسمان پيدا ڪريان ها ۽ نہ زمين کي ۽ نہ جنت پيدا ڪريان ها، نہ دوزخ کي.

2020.08.14
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حور و غلمان، ملائڪ جن و بشر عرش و فرش فلڪ توڙي شمس و قمر،
مڙئي جلوه اوهان جي ڪان جلوه نما يا حبيب خدا.
جتي راز اوهان جو خفي و جلي، تتي ڪو نہ رسيو ڪو نبي ولي،
آهي شان اوهان جو لولاڪ لما يا حبيب خدا. (١١)

پير طريقت حاجي امداد الله مهاجر مڪي رحمة الله عليہ هن ريت مدح سرائي ڪئي آهي.

سب ديکھو نور محمدؐ کا سب پيچ ظهور محمدؐ کا
جبريل مقرب خادم ہے سب جا مشهور محمدؐ کا (١٢)

حضرت لعل شهباز قلندر رحمة الله عليہ سارا هيندي فرمائي ٿو:

آں شاه هر دو عالم عربي محمدؐ است
مقصود بود آدم عربي محمد است
ختم رسل چراغ راهِ دين و نور حق
آں رحمتِ دو عالم عربي محمدؐ است

ترجمو: ٻنهي جهانن جو شان محمد عربي آهي
آدم جي وجود جو مقصود محمد عربي آهي
هو ختم رسل، دين جي راهہ جو چراغ ۽ حق جو نور
اهوئي ٻنهي جهانن جي رحمت محمدؐ عربي آهي. (١٣)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
2020.08.14 16:12

## حضرت عيسىٰ عليہ السلام کي ڪائنات جي رب فرمايو:

”هو منهنجو اهڙو رسول هوندو جنهن لاءِ مون سڀني شين کي پيدا ڪيو آهي.“(١۴)

حضور اڪرم نور مجسم ﷺ جن ڪائنات جا ڪارڻي ۽ پروردگار عالم جا پيارا آهن. سندن چرچو پاڻ خود پروردگار ڪري رهيو آهي. تہ اي حبيب تون نہ هجين ها تہ آئون لڪل خزانوئي هجان ها.

اڄ اسين ميلاد جو ايترو چرچو ڪريون ٿا، محفلون مچايون ٿا، مجلسون منعقد ڪريون ٿا، جلسا جلوس ڪڍون ٿا، ريليون رَلايون ٿا، جن ۾ حبيب خدا ﷺ جو شان ڳايون ٿا. سندن ذڪر خير ڪريون ٿا. محفلون ذڪر حبيب سان سينگاريون ٿا. نعتون ۽ مداحون پڙهون ٿا. ٻڌون ٿا. درودو سلام پيش ڪريون ٿا. اهو سڀ اسين ڪو پنهنجي شوق خاطر نٿا ڪريون. ۽ نہ ئي ڪو ڪنهن جي دل آزاريءَ لاءِ ڪريون ٿا. بس توهان ڏسو قرآن مجيد فرقان حميد ۾ تہ رب العالمين جل شانہ محبوب ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖوسلم جن جي ذڪر جي محفل منعقد ڪري، محبوبن جو مان مٿانهون ڪري ڇڏيو آهي.

**الله جل شانہ ارشاد فرمائي ٿو:**

”اي حبيب توهان ياد ڪريو جڏهن الله تعاليٰ پيغمبرن کان واعدو ورتو تہ جنهن وقت آئون توهان کي ڪتاب ۽ حڪمت عطا ڪريان، انهيءَ کان پوءِ توهان وٽ رسول عربي تشريف فرما ٿئي، جيڪو توهانجن ڪتابن جي تصديق ڪري تہ توهان ضرور ضرور انهيءَ تي ايمان آڻجو ۽ ضرور ضرور انهيءَ جي مدد ڪجو.“(١٥)

مٿئين آيت مبارڪ ۾ خالق و مالڪ جل شانہ عالم ارواح ۾ سڀني نبين جون ارواح گڏ ڪري پنهنجي حبيب صلي الله عليہ وسلم جو شان بلند ڪيو ۽ ميلاد شريف جو سڀني کان پهريون جلسو منعقد ڪيو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جوڙي جوڙ جهان جي، جڏهن جوڙيائين
خاوند خاص خلقي، محمد مڪائين
ڪلمو تنهن ڪريم تي چٽو چايائين
انا مولاڪ وانت محبوبي ائين اتائين
ذڪي ڏنائين هئي سرائون سيد چئي (١٦)

حضور پرنور شافع يوم النشور ﷺ جن جو ذڪر ڪرڻ، سندن ساراهه ۽ مدح بيان ڪرڻ، سندن خصائل بيان ڪرڻ، محبتون ۽ الفتون، رحمتون ۽ برڪتون، عظمتون ۽ رفعتون، خوبيون ۽ خصلتون بيان ڪرڻ، ٻڌائڻ ۽ ٻڌڻ اهو ئي ته ميلاد آهي.

جہاں میں مرحبا صلی علیٰ کے چرچے ہیں
حلیمہ کہتی ہیں خیرالوریٰ کے چرچے ہیں
فضائیں گونج رہی ہیں ثناء کے نغموں سے
گلی گلی میں میرے مصطفیٰ ﷺ کے چرچے ہیں (١٧)

مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته:

اَضَآءَ بِكَ الْاَكْوَانُ مِنْ كُلِّ جَانِبٍ
فَيَا نُوْرَ اللّٰهِ نَوِّرْ سَحَامَتِيْ.

ترجمو: اوهان جي نور جي ظهور سان جملي جهان روشن ٿيا. پوءِ اي الله جا نور! منهنجي ڳَٽَ چڙهيل ڪاراڻ کي به پنهنجي نورانيت سان روشن فرماءِ (١٨)

حضرت علي المرتضيٰ ڪرم الله وجهه کان روايت آهي ته الله تعاليٰ حضرت آدم عليه السّلام ۽ ان کان پوءِ جيترا به انبياءِ ڪرام موڪليا ته هر هڪ کان الله تعاليٰ حضرت محمد صلي الله عليه وآله وسلم بابت هيءُ واعدو ورتو ته جيڪڏهن توهان جي ظاهري حيات ۾ هُو تشريف فرما ٿئي ته توهان ضرور ان تي ايمان آڻجو ۽ان جي مدد ڪجو ۽ هر پيغمبر اهو واعدو پنهنجي امت کان وٺندو رهيو. (١٩)

2020.08.1
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسو: **توريت جي ڪتاب استثنا ۾ آمد جو ذڪر ڪيئن ڪيو ويو آهي:**

"هُو جبل فاران مان جلوه گر ٿيو ۽ لکين قدسين مان آيو." (٢٠)

جبل فاران مڪي شريف جو مشهور ۽ معروف جبل آهي. جنهن جي هڪ غار ۾ پاڻ سڳورا ﷺ عبادت ڪندا هئا. ۽ انهيءَ غار ۾ ئي اعلانِ نبوت جو حڪم مليو هئن. سو غارِ حرا نالي سان مشهور آهي لکين قدسين مان مراد اصحاب سڳورا آهن.

غارِ حرا میں اتری ایمان کی تجلی
توحید کا اجالا لے کر کتاب آئی
فاران کی چوٹیوں پر وہ صبح جگمگائی
دنیا میں روشنی کا پیغام لے کے آئی (٢١)

**بائبل جي هڪ ٻئي ڪتاب ملاڪيءَ ۾ ذڪر سعيد هن ريت ملي ٿو:**

"ڏسو آئون پنهنجي رسول کي موڪليندس ۽ هو منهنجي رستي کي صاف ڪندو ۽ خداوند جنهن جا توهان خواهشمند آهيو اوچتو پنهنجي هيڪل ۾ اچي ظاهر ٿيندو. ها اهو عهد جو رسول جنهنجا توهين طالب آهيو ايندو. رب الافواج فرماءِ ٿو:

پر ان جي اچڻ جي ڏينهن جي ڪنهن ۾ تاب آهي. ۽ جڏهن ان جو ظهور ٿيندو تہ ڪير آهي جو بيهي سگهندو. ڇو تہ هو سو ناري جي باهہ ۽ ڌوٻيءَ جي صابڻ جيان هوندو." (٢٢)

ڪيتريون تہ چٽيون ۽ واضح ڳالهيون بيان ٿيل آهن جهڙوڪ:

- اُهو رسول جنهنجو انتظار هجي
- الله جل شانہ ڏانهن رستو صاف ڪندڙ هجي
- هيڪل ۾ ظاهر ٿيندڙ
- عهد جو رسول

ہے داستان آپ کی ہر اک کتاب میں
ہے درج ہر جریدہ فسانہ جناب کا (٢٣)

2020.08.14 16:18
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خانو بنايو ويو هو. الغرض ته هڪ اهڙي نبيءَ جي ضرورت هئي، جيڪو طرحين طرحين جي خدائن مان جند آجي ڪرائي. عقيدي تثليث (ٽن خدائن جو تصور يعني پيءُ، پٽ ۽ روح القدس. هي عيسائين جو عقيدو آهي. پيءُ يعني الله تبارڪ و تعاليٰ، پٽ معنيٰ حضرت عيسيٰ عليه السّلام ۽ روح القدس مان مراد جبرائيل امين عليه السّلام آهي. انهن ٽنهي جي خدا مڃڻ ڪي عقيدو تثليث چئبو آهي. استغفرالله و نعوذ باالله) درست ڪري هڪ خدا ڏي واڳ ورائي. امن ۽ شانتيءَ کي عروج بخشي، انسانيت کي لازوال بڻائي، هڪ واحد القهار تي لبيڪ چوائي.

ظاہر جب آنحضور کے انوار ہوگئے
آتشکدے تھے جتنے وہ فی النار ہوگئے
کسریٰ محل میں ڈھیر وہ مینار ہوگئے
لات و ہبل بھی ساجد سرکار ہوگئے
نکلا جب آفتاب وجودِ حضور کا
گل ہوگیا چراغ، بتوں کے غرور کا (٢٧)

قرآن مجيد فرقان حميد ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ حبيب ڪريم، رؤف رحيم صلي الله عليه وآله وسلم بابت فرمائين ٿا:

"الله تعاليٰ ڏانهن سندس حڪم مطابق سڏيندڙ" (٢٨)

دم قدم سے جس کے حق کا بول بالا ہوگیا
نور وحدت ہر طرف پھیلا اجالا ہوگیا (٢٩)
بخدا تونے راہ راست دکھائی اٹھ کر
تیرا ممنوں ہے دنیا کا ہر اک فرد بشر (٣٠)

## هيڪل ۾ ظاهر ٿيندڙ:

هيڪل مان مراد ڪعبة الله شريف آهي. ان ۾ الله تبارڪ و تعاليٰ جو رسول صلي الله عليه وآله وسلم مڪي شريف ڏانهن واپسيءَ تي پنهنجي خداوندي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صلاحيتن جوڀرپور مظاهرو ڪيو ۽ خدا جي گهر کي بتن کان پاڪ صاف ڪري اصلي حالت ۾ آندو.

ڪعبہ کے بدرالدجیٰ تم پہ کروڑوں درود (٣١)

## عهد جو رسول:

الله جل شانه قرآن مجيد ۾ ارشاد فرمايو آهي تہ:

”اي حبيب توهان ياد ڪريو. جڏهن الله تعاليٰ پيغمبرن کان واعدو ورتو تہ جنهن وقت آئون توهان کي ڪتاب ۽ حڪمت عطا ڪريان. انهيءَ کان پوءِ توهان وٽ رسول عربي تشريف فرما ٿئي، جيڪو توهانجن ڪتابن جي تصديق ڪري تہ توهان ضرور ضرور انهيءَ تي ايمان آڻجوءِ ضرو ضرورر انهيءَ جي مدد ڪجو.“ (٣٢)

## زبور ۾ حضور پر نور شافع يوم النشور ﷺ جن جو ذڪر هن ريت موجود آهي:

”هُو فديو ڏئي انهن جي جان کي ظلم ۽ ڏاڍ کان ڇڏائيندو ۽ انهن جو خون هُن جي نظر ۾ قيمتي هوندو.“ (٣٣)

تاريخ جو مطالعو ڪبو تہ معلوم ٿيندو تہ:

اعلان نبوت کان پوءِ اسلام جي اوٽ ۾ ايندڙ شمع رسالت جي پروانن تي سماج پاران ظلم ۽ ڏاڍ جا پهاڙ ڪيرايا ويا. انهن سان غير انساني سلوڪ ڪيو ويو. انهن جي جانين کي اذيتون ڏنيون ويون. ايستائين جو تتل زمين تي ليٽائي، ڏين تان ڦرڻ لاءِ زور وڌو پر انهن جي دلين ۾ عشق مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہٖوسلم جي ڏکيل چڻنگ. شعلي جو روپ وٺي وڌندي رهي. اهڙن عظيم انسانن ۾، حضرت بلال حبشي رضي الله تعاليٰ عنه جو نالو تمام گهڻو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مشهور آهي. جنهن کي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه خريد ڪري آقاءِ دوجهان صلي الله عليه وآلهٖ وسلم کي تحفي ۾ ڏنو.

صاحب ڪتاب خاندان مصطفيٰ صلي الله عليه وآلهٖ وسلم موجب حضور اڪرم نور مجسم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جا چاليهه غلام هئا. جن کي پاڻ ڪريمن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم آزاد ڪري ڇڏيو هو. (٣٤)

هر ظالم جي ظلم کان سماج کي ڇوٽڪارو مليو ته آمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي ڪري مليو. نه ته نياڻين کي عرب ۾ جيئرو دفن ڪيو ويندو هو ته هندوستان ۾ عورتون وري ستي ڪيون وينديون هيون. (ستي ان رسم کي چئبو آهي، جنهن ۾ مڙس جي مري وڃڻ کانپوءِ ان جي بيوه کي به مڙس جي لاش سان گڏ ساڙيو ويندو.)

مرشد شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليه خوب ترجماني ڪندي فرمائي ٿو:

ٻرو هو ڀنڀور، جو آرياڻيءَ اجاريو
لاٿو سڀ لوڪ تان، هاڙهي ڏٺيءَ هور
چوريون چڙهڻ سڪيون، پنهون ڪيائون پور
آيو سو اتور، جنهن ڏکيون ڏک وهاريون. (٣٥)

## زبور ۾ هڪ ڳالهه هن ريت آيل آهي:

"ان جو نالو هميشه قائم رهندو جيستائين سج آهي. ان جو نالو رهندو." (٣٦)

اسان جي روزاني جي مشاهدي ۾ آهي ته حضور اڪرم نور مجسم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن جو ذڪر مبارڪ ڏينهون ڏينهن وڌندو رهي ٿو. جتي الله پاڪ جو اسم گرامي آهي، اتي محبوب ڪريم جو نالو مبارڪ آهي جتي رب العالمين جي بندگي آهي، اتي رحمة للعالمين جي فرمانبرداري آهي. الله جي عبادت رسول الله صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
2020.08.14 16:22

اطاعت ۾ آهي. حڪم الله جل شانه جو طريقو رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جو.

ڪلمي ۾ ڏسو ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جو نالو نماز ۾ ڏسو ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جو اٿڻ ويهڻ. روزي ۾ ڏسو ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جو حڪم. زڪوات ۾ ڏسو ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي فرمان تي ان جو ڏيڻ ۽ وٺڻ. حج کي ڏسو ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم جي حڪمن جي پيروي ۽ بارگاه بي ڪس پناهہ جي حاضري. الغرض ته جتي جتي الله جو ذڪر آهي اتي اتي پياري مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جو ذڪر آهي. ۽ هميشه قائم رهندو.

جيئن الله رب العزت پنهنجي ڪلام ۾ فرمائي ٿو ته:

"۽ ڇا اسان خاص توهان لاءِ توهان جي ذڪر کي بلند نه ڪيو." (٣٧)

جنهن جو ذڪر الله پاڪ پاڻ بلند ڪري، ان جو ذ ڪر گهٽ ڪرڻ جي ڪنهن ۾ طاقت آهي!

نيٺ هڪڙي ڏينهن دنيا جي پڇاڙي ٿيندي. نه دنيا هوندي نه دنيا دار هوندا. قيامت قائم ٿيڻ کان پهرين پوري عالم کي فنا ڪيو ويندو. بس! فقط رب العالمين جل شانه باقي هوندو. ٻيو ڪجهه به نه هوندو. تڏهن به اڄين جي آڌار غريبن جي غمخوار يتيمن جي يار آقاءِ نامدار صلي الله عليه وآله وسلم جو ذڪر پاڪ هوندو الله عزوجل پنهنجي ڪلام ۾ فرماءِ ٿو:

"بيشڪ الله ۽ سندس ملائڪ پيغمبر تي رحمت موڪليندا آهن. اي ايمان وارؤ اوهين به مٿن صلوات پڙهو ۽ پوري طرح سلام چئو." (٣٨)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن آيت مبارڪ مان پڌرو ٿي ويو ته اسان جي سهڻي سائين صلي الله عليه وآله وسلم جو نالو پيو ڳائبو. ڇاڪاڻ ته رب العالمين جل شانه هر وقت موجود آهي ۽ رهندو. پيو پنهنجي حبيب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم تي رحمتون نازل ڪندو.

حشر تک ڈالیں گے ہم پیدائش مولا کی دھوم
مثل فارس نجد کے قلعے گراتے جائیں گے۔
خاک ہوجائیں عدو جل کر مگر ہم تو رضا
دم میں جب تک دم ہے ذکر ان کا سناتے جائیں گے۔ (۳۹)

## زبور ۾ وڏيڪ ذڪر خير هن ريت موجود آهي:

"تنهنجا تير تکا آهن، سي بادشاهه جي دشمنن جي دل ۾
لڳا آهن ۽ امتون تنهنجي آڏو جهڪيل آهن."(۴۰)

اڄ حضور پر نور صلي الله عليه وآله وسلم جي حق ۽ سچ جا تير دنيا جي چؤطرف پنهنجو اثر ڏيکاري چڪا آهن. ۽ دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ روزانو مسلمانن ۾ واڌارو ٿي رهيو آهي. اهو وقت پري ڪونهي جو سيئي شريعتون اسلام جي سوجهري ۾ ڏڪجي وينديون ۽ اسلام جي سچائيءَ جي روشني هر هڪ کي منور ڪري جهرڪائي ڇڏيندي.

اجالا حشر تک اس کے سوا کوئی نہ پھیلے گا
محمدؐ آخری شمع نبوت لے کے آئے ہیں
محمد ﷺ سے محبت کیوں نہ ہو ای "طرز" تجھ کو بھی
وہ سب کے واسطے دستِ شفاعت لے کے آئے ہیں (۴۱)

سِکَ مذهب جي باني گرونانڪ صاحب هڪ اچرج جوڳي رباعي چئي آهي. جنهن جو مطلب آهي ته دنيا جي هر شيءِ ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جو جلوو عيان آهي.

2020.08.14 16:23
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ہر عدد کو چوگن کرلو، دو کو اس میں دو بڑھائے
پورے جوڑ کو پنج گن کرلو، بیس سے اس میں بھاگ لگائے
باقی بچے کو نو گن کرلو، دو کو اس میں دو بڑھائے
گرو نانک یوں کہے، ہر شے میں محمد ﷺ کو پائے۔ (۴۲)

مطلب ڪنهن بہ عدد کي چئن سان ضرب ڪريو ۽ ان ۾ ٻہ جوڙ ڪريو جيڪو جواب اچي ان کي پنجن سان ضرب ڪريو. حاصل ضرب کي ويهن سان ونڊيو. جيڪا پاچي بچي ان کي نون سان ضرب ڪري وڌيڪ ٻہ جوڙ ڪريو.

علم ابجد اهڙو علم آهي، جنهن ۾ هر هڪ حرف لاءِ عدد مقرر ٿيل آهن. هن علم کي علم الاعداد بہ چوندا آهن. هن علم موجب اسان جي پياري پيغمبر صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي اسم مبارڪ محمّد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جا عدد ٩٢ ٿين ٿا. گرو نانڪ صاحب بہ انهيءَ علم جي حساب سان رباعي چئي آهي:

"م = 40, ح=8, م=40, د=4
92= 4 + 40 + 8 + 40

مثال (1) اسان پنج ڪنيا:

5x4=20 20+2=22 22x5=110

110/20

20 | 110
   | 100
   | 10 پاچي

10x9=90 90+2=92

مثال (2) عدد 11 ڪنياسين:

11x4=44 44+2=46, 46x5=230

20 | 230
   | 20
20 | 30
   | 20
   | 10 پاچي

10x9=90, 90+2+92

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## انجيل ۾ مدح:

حضرت عيسيٰ عليہ السلام آمدِ رسول اڪرم نور مجسم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جو ذڪر انجيل يوحنا ۾ هن ريت ڪري رهيو آهي.

”۽ انصاف جي نسبت هيئن جو دنيا جي سردار جو فيصلو ٿي چڪو آهي. مون کي اڃا اوهان سان گهڻيون ئي ڳالهيون ڪرڻيون آهن. پر هاڻي اوهين سهي ڪين سگهندا. جڏهن سچ جو پاڪ روح ايندو تڏهن هو اوهان کي سموري سچ ڏانهن وٺي ويندو. هو پنهنجي طرفان ڪجھ بہ نہ ڳالهائيندو. پر جيڪي ڳالهيون ٻڌندو سي ئي چوندو. ۽ جيڪي ٿيڻو آهي، سو هو اوهان کي کولي ٻڌائيندو.“ (٤٣)

پڙهندڙن جي ڄاڻ ۾ واڌاري لاءِ موجوده بائبل جو مختصر تعارف پيش ڪجي ٿو- هن کي ڪتاب مقدس بہ چوندا آهن. بائبل يهودين ۽ عيسائين جو مقدس ڪتاب آهي. جنهن جا ٻہ حصا آهن. پهرئين حصي کي پراڻو عهدنامون ۽ ٻئي حصي کي نئون عهدنامون يا عهدنامہ عتيق ۽ عهدنامہ جديد سڏيندا آهن. پاڪستان ۾ بائبل (ڪتاب مقدس) ”بائبل سوسائٽي لاهور وارن ڇپائي تقسيم ڪيو آهي. جنهن ۾ ڪل ٦٦ ڪتاب شامل آهن.

پراڻي عهدنامي ۾ ٻن آسماني ڪتابن توريت ۽ زبور ڪانسواءِ صحائف انبياء بہ شامل آهن. هنن سيني جو ڳاڻيٽو ٣٩ آهي. هن عهدنامي ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام کان اڳ جا ڪتاب آهن. ۽ عهدنامي جديد ۾ حضرت عيسيٰ عليہ السلام جي ڄمڻ کانپوءِ جا ڪتاب جن ۾ ٤ اناجيل ۽ مختلف خط شامل آهن. جن جو تعداد ٢٧ آهي. هتي ٿوري وضاحت ڪري وڃان تہ انجيل ٥ موجود آهن. جن مان چار انجيل متي، انجيل مرقس، انجيل لوقا ۽ انجيل يوحنا ڪتاب مقدس ۾ آهن ۽ پنجين انجيل برنباس الڳ آهي.

www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com
2020.08.14 16:25

جيڪا انجيل جنهن نالي سان آهي. اها ان حواريءَ جي مرتب ڪيل آهي. حواري حضرت عيسيٰ عليه السلام جي اصحابي سڳوري کي چوندا آهن.

بائبل ۾ ڪيترائي ڀيرا عيسائي عالمن طرفان سڌارو آندو ويو آهي. جنهن ڪري بائبل ۾ ڪافي ردوبدل ٿي چڪي آهي. ۽ اصلي حيثيت وڃائي چڪي آهي. اهڙي ردوبدل کي تحريف چئبو آهي. جنهن ڪري ڪتاب جي اصل حيثيت گهٽجي ويندي آهي. (٤٤)

انجيل يوحنا جي متي جا ٽايل اقتباس مان ڪجهه ڳالهيون پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم بابت چٽيون ۽ وضاحت سان موجود آهن.

## دنيا جو سردار هوندو:

امام سخاوي رحمة الله عليه فرمائي ٿو ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم پهرين، پوين، مقرب فرشتن ۽ سموري مخلوق جا سردار ۽ رب العالمين جا محبوب آهن. قيامت جي ڏينهن شفاعت عظميٰ سان مخصوص آهن. (٤٥)

حديث شريف ۾ اچي ٿو ته:

”پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جن فرمايو:

أَنَا سَيِّدُ وُلِدِ آدَمُ وَلَا فَخْرِى

آئون آدم عليه السلام جي اولاد جو سردار آهيان ۽ ڪا به وڏائي نه اٿم (٤٦)

پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله وسلم صاحب معراج ۽ مخلوق جا سردار آهن (٤٧)

تحقيق حضرت محمّد صلي الله عليه وآله وسلم الله جا رسول ۽ حضرت آدم عليه السّلام جي اولاد جا سردار آهن. (٤٨)

مُحمد سَيِّدُ الكَونَيْنِ وَ ثَقَلَيْنِ
وَالْفَرِيْقَيْنِ مِنْ عُرِبٍ وَّمِنْ عَجَمٍ


2020.08.14

صاحب صدقي توتان تون اسان جو سردار آهين. ڇا جن، ڇا عربي، ڇا عجمي، سيني جو مهندار آهين. (٤٩)

بادشاہ دوسرا ہے کون، کوئی بھی نہیں
شافع روزِ جزا ہے کون، کوئی بھی نہیں
صدرِ بزم انبیاء ہے کون، کوئی بھی نہیں
اور محبوبِ خدا ہے کون، کوئی بھی نہیں
میرے آقا کے علاوہ، میرے حضرت کے سوا (٥٠)

## سچ ڏانهن وٺي ويندو:

اعلان نبوت کانپوءِ حضور اڪرم نور مجسم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم مڪي جي مشرڪن ۽ ڪافرن کي اسلام جي دعوت ڏني ۽ پنهنجن هٿرادو ٺاهيل بتن جي پوڄا کان روڪيو ۽ هڪ الله جل شانہ تي ايمان آڻڻ لاءِ چيو. ان وقت سچ کان وڌيڪ روشن سچ هڪ خدا جي عبادت هو. الله جل شانہ جي هيڪڙائيءَ کي مڃڻ سچ ڏانهن ويندڙ رستو هو. جيڪو پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم پتڪيل، ڀُليل ۽ گمراهہ قوم کي ڏيکاريو. سواج ڏينهن تائين پنهنجي آب ۽ تاب سان جهرڪندڙ آهي. ۽ هميشہ تابان رهندو.

## پنهنجي طرفان ڪجھہ بہ نہ ڳالهائيندو پر جيڪي ڳالهيون ٻڌندو سي ئي ڪندو.

الله تعاليٰ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ فرمائي ٿو تہ:

وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ○ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْيٌ يُّوْحٰى ○

ترجمو: ۽ رسول عربي پنهنجي خواهش سان ڪا بہ گفتگو نہ ٿا ڪن. اها تہ وحي رباني آهي، جيڪا سندن ڏانهن موڪلي وڃي ٿي. (٥١)

**ڪلام محمد - ڪلام الٰهي**
**ڪلام الٰهي - ڪلام محمد** (٥٢)

2020.08.14 16:26
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪائنات جي ڏٺيءَ فرمائي ڇڏيو تہ رسول اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم پنهنجي خواهش سان نہ ٿا ڳالهائين. نہ ئي ڪو پنهنجي مرضيءَ موجب ڪلام ڪن ٿا. هي تہ اهي رسول صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم آهن. جيڪي پنهنجي پالڻهار جي مرضيءَ موجب ڳالهائن ٿا:

جيڪا حديث رسول جي، اوءَ پڻ اُهڙ يا ئي
وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى. سچي سيائي. (٥٣)

## جيڪي ٿيڻو آهي سو اوهان کي کولي ٻڌائيندو

حبيب ڪريم رؤف الرّحيم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن اهو ڪجھ ٻڌائيندا جيڪا انهن کي خبر ڪونهي. اهڙيون ڳالهيون ٻڌائيندا جيڪي آئندي سان لاڳاپيل هونديون. يعني ڳجهو علم، آئيندي پيش ايندڙ واقعن جو علم، جنهن کي علم غيب چيو ويندو آهي.

اعليٰ حضرت، مجدد دين و ملت، عظيم البرڪت امام احمد رضا خان فاضل بريلوي رحمة الله عليہ پنهنجي هڪ ڪتاب ۾ فرمائي ٿو تہ:

”امام قاضي عياض شفا شريف جي باب المعجزات جي شروع ۾ ۽ علامہ قسطلاني مواهب لدنيہ ۾ نالن مبارڪن جي معنيٰ جي بيان ۾ فرمائين ٿا تہ ”نبي“ ۽ ”نبوت“ نباء مان نڪتا آهن. جن جي معنيٰ آهي تہ الله تعاليٰ پنهنجي نبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم کي غيب کان آگاهہ ڪيو.“

وڌيڪ ٻنهي بزرگن نبي ۽ رسول جي معنائن ۾ فرق ۽ امتياز کي پڌرو ڪندي فرمايو تہ هي ٻئي نبوت ۾ گڏ آهن ۽ غيب جي ڄاڻ کي نبوت چوندا آهن. يعنيٰ غيب جون خبرون ڏيڻ ئي نبوت جو اصل ۽ ان جي جان آهي ۽ انهيءَ تي ئي نبوت جي چڪي ڦري ٿي. جيئن حج عرفات جي ميدان ۾ رهڻ جو نالو آهي ۽ ندامت توبہ آهي. اهڙي ئي نموني غيب جو ڄاڻڻ نبوت آهي. (٥٤)

حضرت مالڪ بن عوف رضي الله تعاليٰ عنہ پنهنجي هڪ نعتيہ قصيدي ۾ فرمايو. جنهن جو ترجمو آهي:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
2020.08.14 16:27

”مون انسانن پر (حضرت محمّد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم) جهڙو ڪنهن ڪي نہ ڏنو ۽ نہ ڏنو. واعدو وفا ڪري ٿو ۽ بنا گهرڻ جي سائل کي بهترين انعام اڪرام عطا ڪري ٿو ۽ جيتري مهل وڌيڪ هو توهان کي غيب جون خبرون ڏي ٿو.“ (٥٥)

حسين بن منصور حلاج رحمة الله عليہ فرمائي ٿو تہ ”پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي ئي ذريعي ڳجهہ ۽ ڳجهيون شيون سڃاتيون ويون آهن. (٥٦)

## علم غيب تي چند حديثون:

1) حضرت عبدالله بن حذافہ رضي الله تعاليٰ عنہ جي پڇڻ تي فرمايو تہ سندس والد حذيفہ ئي آهي. (٥٧)

2) حضرت طلحہ رضي الله تعاليٰ عنہ لاءِ حضور پر نور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم فرمايو:
”جنهن کي گهمندڙ ڦرندڙ شهيد ڏسڻو هجي تہ طلحہ کي ڏسي.“ (٥٨)

3) حضور اڪرم نور مجسم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم فرمايو: ”زمانو ائين ئي گذرندو رهندو جيستائين ڪ منهنجي امت مان هڪ جماعت شراب پيئندي ۽ ان جو نالو متائي ڇڏيندي“ (٥٩)
اڄ ڪلهہ شراب جو نالو متائي بيئر رکيو ويو آهي ۽ عام طور استعمال ڪيو ويندو آهي.

4) حضرت ابن ابي ڪعب رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت آهي، تہ نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم فرمايو:

”جنهن ڇوڪري کي حضرت خضر عليہ السّلام قتل ڪيو اهو تقدير الاهيءَ پر ئي ڪافر هو“ (٦٠)


2020.08.14 16:28

5) حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عنه روايت ڪري ٿو ته رسول الله صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو:

”منهنجي امت (جي ماڻهن) جي عمر ٦٠ کان ٧٠ سالن تائين هوندي“ (٦١) اڄ توهان ڏسندؤ ته لکن مان هڪ اڌ اهڙو ماڻهو ملندو جنهن جي عمر ٧٠ سالن کان مٿي هوندي باقي گهڻائي ٧٠ سالن تائين پهچڻ کان اڳ مري دارِ بقا ڏي راهي ٿئي ٿي.

6) حضرت ابو سعيد رضي الله تعاليٰ عنه فرمائي ٿو:

”هڪ ڏينهن حضور اڪرم نور مجسم صلي الله عليه وآله وسلم اسان کي عصر نماز پڙهائي، پوءِ خطبو ارشاد فرمائڻ لاءِ اٿي بيٺا، ۽ قيامت تائين ٿيندڙ سيني واقعن جي خبر ڏني. (٦٢)

7) حضرت جابر رضي الله تعاليٰ عنه بيان ڪري ٿو ته نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم هڪ سفر تان موٽي رهيا هئا، جيئن ئي مديني شريف جي ويجهو پهتا ته ايڏو وڏو طوفان آيو جو جنهن ۾ سواري به دفن ٿيڻ لڳي. نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو ”طوفان کي ڪنهن منافق جي موت لاءِ موڪليو ويو آهي.“

جيئن ئي پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله وسلم مديني منوره پهتا ته خبر ملي ته منافقن جو هڪ گُرو (سردار) مري ويو آهي. (٦٣)

8) حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته نبي اڪرم صلي الله عليه وآله وسلم فرمايو: ”ان وقت تائين قيامت نه ٿيندي، جيستائين ٻه جماعتون پاڻ ۾ خونريزي نه ڪن، ۽ انهن ۾ وڏي جنگ لڳندي ۽ سندن دعويٰ ساڳئي هوندي (نبوت جي) ۽ ان وقت تاءِ قيامت نه ٿيندي جيستائين ٽيهن جي لڳ ڀڳ ڪوڙا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com 2020.08.14

دجال ظاهر نہ ٿين. اهي سڀ جا سڀ اِها ئي دعويٰ ڪندا تہ هُو الله جا رسول آهن. (٦٤)

پروفيسر ڪريم بخش نظاماڻي پنهنجي ڪتاب ٿيھ ڪوڙا ۾ لکي ٿو تہ اسود عنسي کان مرزا غلام احمد قادياني تائين ٻاويھ ڪذاب (ڪوڙا) وقتي ڪاميابي حاصل ڪري، جهنم ۾ پهچي چڪا آهن. انهيءَ حساب سان هن کان پوءِ اجا بہ اٺ ڪوڙا پيدا ٿي، نبوت جي دعويٰ ڪندا ۽ تنهن کان پوءِ قيامت ايندي (٦٥)

الله رب العزت پنهنجي پاڪ ڪلام ۾ حضور اڪرم نور مجسم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن کي عطا ڪيل علم غيب بابت ارشاد فرمائين ٿا:

وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِيْنٍ۔

ترجمو: ۽ رسول عربي غيب بيان ڪرڻ تي بخيلي نٿا ڪن. (٦٦)

ڪنجيون قدرت مون ڏنيون، تو هٿ حبيبا
عِلمَ اُڀ زمين جا، احمد ٿياءِ عطا (٦٧)

اعليٰ حضرت، عظيم البرڪت، مجدد دين و ملت امام احمد رضا خان صاحب بريلوي رحمة الله عليہ ڪيتري نہ خوبصورت عڪاسي ڪئي آهي:

اور کوئی غیب کیا تم سے نہاں ہو بھلا
جب نہ خدا ہی چھپا تم پہ کروڑوں درود (٦٨)
لقب اُمی علومِ اولین و آخریں در دل
امام انبیاء و مرسلیں از فضل یزدانی

(مولانا مفتي محمد شفيع صاحب ماهنامہ سلوڪ و احسان ڪراچي آگسٽ ١٩٩٠ع)

2020.08.14 16:30
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انجيل برنباس ۾ شانِ مصطفيٰ ﷺ

انجيل برنباس، آقاءِ نامدار محمد مختار صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي مدح سرائي ۾ سيني اڳوڻن ڪتابن کان گوئي کڻي وئي آهي.

"بس جڏهن آدم پنهنجن پيرن تي بيٺو تہ ان آسمان ۾ سج جيان چمڪندڙ لکت ڏٺي، جنهن جي عبارت هئي:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللّٰهِ

تڏهن آدم چپ چوريا ۽ چيو آئون شڪر ڪريان ٿو اي منهنجا پروردگار الله، ڇاڪاڻ تہ تو مون تي مهرباني ڪئي ۽ مون کي پيدا ڪيو پر آئون توکي منٿ ٿو ڪريان تہ تون مون کي ٻڌاءِ تہ هنن ڪلمن جو ڇا مطلب آهي مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللّٰهِ.

تڏهن الله جواب ڏنس! مرحبا آهي توکي اي منهنجا ٻانها آدم ۽ آئون توکي ٻڌايان ٿو تہ تون سيني کان پهريون انسان آهين جنهن کي مون پيدا ڪيو آهي ۽ اهو شخص جنهن کي تو ڏٺو آهي تنهنجوئي پٽ آهي، جيڪو هن وقت کان تمام گهڻن سالن بعد دنيا ۾ ايندو." (٦٩)

"بس آدم منٿ ڪندي چيو: اي پروردگار هيءَ تحرير مون کي منهنجن هٿن جي آڱرين جي ننهن تي عطا فرماءِ. تڏهن الله پهرئين انسان کي هيءَ لکت ان جي ٻنهي آڱوٺن تي عطا ڪئي. ساڄي هٿ جي آڱوٺي جي ننهن تي عبارت لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهِ.

۽ کاٻي آڱوٺي جي ننهن تي هيءَ عبارت مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللّٰهِ.

تڏهن پهرئين انسان هنن ڪلمن کي پِدري محبت سان چميو ۽ پنهنجي ٻنهي اکين تي رکيو ۽ چيو "مبارڪ آهي اهو ڏينهن جنهن ۾ تون دنيا ۾ ايندين." (٧٠)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com 2020.08.14

"۽ هو (رسول) بدڪارن تي وڏيءَ قوت سان ايندو ۽ بتن جي پوڄا
ڪي دنيا مان نابود ڪري ڇڏيندو." (٧١)

"ان جي مٿان هڪ اڇو ڪڪر جو ٽڪرو موجود هوندو." (٧٢)

"تحقيق چنڊ ان کي ٻالڪپڻي ۾ سمهارڻ لاءِ لوليون ڏيندو ۽ جڏهن
اهو (رسول) وڏو ٿيندو ته ان چنڊ کي ٻنهي هٿن ۾ جهليندو." (٧٣)

انجيل برنباس ۾ ٻين به ڪيترن ئي هنڌن تي محبوب ڪريم، رؤف رحيم صلي الله عليه وآله وسلم جي مدح سرا ئي مذڪور آهي، هتي فقط مٿين اقتباسن تي اڪتفا ڪجي ٿي.

انجيل برنباس مان ڇاٽايل اقتباسن مان اسان جي پياري رسول اڪرم نور مجسم صلي الله عليه وآله وسلم جي شان ۾ ذڪر خير هن ريت ملي ٿو:

- پهرئين انسان يعني حضرت آدم عليه السّلام پهرين لکت ڪلمي طيبه جي ڏٺي.
- ڪلمي طيبه کي آڱوٺن تي ڏسي چميو.
- حضور صلي الله عليه وآله وسلم بتن جي پوڄا کي ختم ڪندو.
- پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم جي مٿان ڪڪر هوندو.
- پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله وسلم چنڊ سان رانديون ڪندا ۽ ان کي جهليندا.
- مبارڪ آهي اهو ڏينهن، جنهن ۾ حضور اڪرم نور مجسم صلي الله عليه وآله وسلم تشريف فرما ٿيندو.

انجیل کو بھی دیکھا، توریت کو بھی سمجھا
پیغام دیے سب نے احمد کی رسالت کے (٧٤)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
2020.08.14 16:33

## * پهرئين انسان يعني حضرت آدم عليہ السّلام پهرئين لڪت ڪلمي طيبہ جي ڏني:

الله تبارڪ و تعاليٰ جڏهن حضرت آدم عليہ السلام کي پيدا ڪيو تہ سيني کان پهرين، جيئن ئي حضرت آدم عليہ السلام اک کولي تہ آسمان تي ڪلمو پاڪ لکيل ڏٺو. امير المؤمنين حضرت سيدنا عمر بن الخطاب رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم فرمايو:

"جڏهن آدم عليہ السلام کان لغزش ٿي تہ ان چيو: اي رب! آئون تو کان محمد (صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم)جي حق هئڻ جي وسيلي سوال ٿو ڪريان تہ مون کي معاف ڪر." الله تبارڪ و تعاليٰ پڇيس: "تو محمد (صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم) کي ڪيئن سڃاتو؟ جو مون ان کي اڃان پيدا بہ نہ ڪيو آهي." عرض ڪيائين: "اي رب! ان ڪري جو تو مون کي پنهنجي قدرت سان پيدا ڪيو ۽ مون منجهہ پنهنجو روح ڦوڪيو. مون پنهنجو ڪنڌ مٿي ڪيو تہ ڏٺو عرش جي ڏاڪن تي لکيل هو:

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللّٰهِ

تڏهن مون کي خبر پئي تہ، جنهن کي تو پنهنجي نالي سان گڏ رکيو آهي، سو توکي سموري مخلوق کان وڌيڪ پيارو آهي.

الله تعاليٰ فرمايس تہ آدم! تو سچ چيو ڇاڪاڻ تہ اهوئي مون کي سموري مخلوق کان وڌيڪ پيارو آهي. جڏهن تو ان جي وسيلي مون کان معافيءَ جو سوال ڪيو آهي، تہ مون تو کي بخش ڪيو ۽ جيڪڏهن محمد (صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم) نہ هجي ها، تہ توکي بہ پيدا نہ ڪريان ها."(٧٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حضرت آدم عليہ السلام الله تعاليٰ کان پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم کي وسيلو بڻائي سوال ڪيو تہ اي الله مون کي معاف ڪريو تہ ان کي معاف ڪيو ويو. (٧٦)

علامہ ابن جوزي رحمة الله عليہ فرمائي ٿو تہ:

الله تعاليٰ حضرت آدم عليہ السلام جي توبہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي صدقي قبول ڪئي ۽ حضرت ادريس عليہ السّلام کي سرڪار دو عالم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي طفيل پاڻ ڏانهن مٿي کنيو. حضرت نوح عليہ السلام ٻيڙيءَ ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي وسيلي سان قرب الاهي حاصل ڪيو. حضرت هود عليہ السلام پنهنجي دعائن ۾ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي واسطي سان پناهہ گهري

حضرت ابراهيم عليہ السلام پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي توسل سان بارگاهہ الاهي ۾ سفارش ڪئي. حضرت اسماعيل عليہ السلام آقاءِ نامدار صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي وسيلي سان عاجزي ۽ انڪساريءَ سان دعا گهري. حضرت موسيٰ عليہ السلام پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم بابت پنهنجي قوم کي خبر ڏني ۽ رب ڪريم کان سندن امتي ۽ وزير ٿيڻ جي درخواست ڪئي. حضرت عيسيٰ عليہ السلام پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي آمد جي خبر ڏني ۽ سندن زماني تائين جي مهلت گهري تہ جيئن هن جو مددگار ٿي سگهي. (٧٧)

ملي آدم کي هئي معافي وريہ
ڏس نوح جي ڪيئن ٻيڙي تري
ابراهيم جي ڪيئن باهہ ٺريہ
اهو منهنجي نبيءَ جو نعرو آ. (٧٨)

مٿين حوالن مان ثابت ٿيو تہ حضور پر نور شافع يوم النشور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جو وسيلو وٺڻ جائز آهي. چو نہ وسيلو وٺون. جو اسان کي سڀ

2020.08.14 16:34
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهه مليو ئي ڪائنات جي ڪارڻي صلي الله عليه وآله وسلم جي مهابي آهي.

ايمان جي دولت ملي ته محبوب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي وسيلي ملي. نماز جي راحت ملي ته محبوب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي وسيلي ملي. روزي جي لذت ملي، ته محبوب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي وسيلي ملي. زڪوات جي رغبت ملي، ته محبوب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي وسيلي ملي. حج جي سعادت ملي، ته محبوب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي وسيلي ملي. زندگي گذارڻ جي تعليم ملي، ته محبوب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي وسيلي ملي. واحد جي وحدانيت ملي ته محبوب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي وسيلي ملي الله جي قرابت ملي، ته محبوب ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي وسيلي ملي.

بے وسیلوں کا وسیلہ ہے وہی
بلکہ ساروں کا وسیلہ ہے وہی (٧٩)

بخاري شريف جي حديث آهي ته حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جو معمول هوندو هو ته جڏهن ڏڪار پوندو هو ته حضرت عباس رضي الله تعاليٰ عنه جي وسيلي سان مينهن وسڻ جي دعا ڪندي چوندا هئا ته "اي الله! اسين پنهنجي پيغمبر جو وسيلو اوهان کي پيش ڪندا هئاسين ته اوهان، اسان کي مينهن عنايت ڪندا هئا. ۽ هاڻي پنهنجي نبيءَ جي چاچي جي ذريعي اوهان جي حضور وسيلو پيش ڪريون ٿا ته، مينهن وسايو ته مينهن وسي پوندو هو." (٨٠)

الله تعاليٰ قرآن مجيد فرقان حميد ۾ ارشاد فرمائي ٿو:

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَابْتَغُوْٓا اِلَيْهِ الْوَسِيْلَةَ ○

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
2020.08.14 16:

اي مؤمنو! الله تعاليٰ کان ڊڄو ۽ الله جي دربار ۾ پنهنجي لاءِ وسيلو طلب ڪريو (٨١)

شفیع عاصیاں ہو تم وسیلہ بیکساں ہو تم
تمہیں چھوڑ کر اب کہاں جاؤں بتاؤ یا رسول اللہ (٨٢)

## * حضرت آدم عليہ السّلام ڪلمو طيبہ آڱوٺن جي ننهن تي ڏسي چميو

جڏهن نور مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم حضرت آدم عليہ السلام جي پيشانيءَ ۾ رکيو ويو تہ فرشتا سندن بيحد تعظيم ڪنديٰ صفون ٻڌي زيارت لاءِ حاضر ٿيندا رهيا. حضرت آدم عليہ السلام الله تعاليٰ کي عرض ڪيو. اي موليٰ! هي فرشتا هر وقت منهنجي اڳيان پويان ڇو پيا ڦرن؟

الله تعاليٰ فرمايو: هي منهنجي پياري حبيب محمد صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي نور جي تعظيم ڪري رهيا آهن. تنهن تي حضرت آدم عليہ السلام کي بہ نور مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم ڏسڻ جو شوق پيدا ٿيو. پاڻ عليہ السلام بارگاه رب العزت ۾ درخواست ڪئي تہ الله تعاليٰ اِهو نور حضرت آدم عليہ السلام جي ڏسڻ لاءِ سندس آڱوٺن جي ننهن تي ظاهر ڪيو. جڏهن حضرت آدم عليہ السلام نور مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم ڏٺو تہ هڪدم آڱوٺن کي چمي اکين تي رکيو ۽ سندن زبان مان هي لفظ نڪتا: وآلہ

"قُرَّةُ عَيْنِي بِكَ يَارَسُولَ اللّٰهِ"

يا رسول الله (صلي الله عليہ وآلہ‌وسلم) توهان منهنجي اکين جا ٺار آهيو. (٨٣)

هڪ دفعي صحابہ ڪرام نبي رحمت صلي الله عليہ وآلہ‌وسلم سان گڏ هئا تہ بانگ جو وقت ٿيو. بانگي بانگ ڏني جڏهن هُو اشهد ان محمد رسول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
2020.08.14 16:40

الله تي پهتو تہ حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنہ ”محمد“ صلي الله عليہ وآلہ وسلم نالي تي پنهنجا آڱوٺا چمي اکين تي رکيا. ٻئي ڀيري بہ ائين ئي ڪيائون. حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن ڏسي رهيا هئا پر پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنہ کي جهليو ڪو نہ. جيئن ئي ٻانگ پوري ٿي تہ پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنہ کان ان جو سبب پڇيو تہ حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنہ عرض ڪيو: ”يا رسول الله (صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم) مون محبت جي سبب کان توهان جي اسم پاڪ جي تعظيم جي ڪري ائين ڪيو.“ حضور نبي اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم ارشاد فرمايو: ”جنهن بہ منهنجي هن دوست جي سنت تي عمل ڪيو تہ آئون پاڻ سان گڏ ان کي جنت ۾ وٺي ويندس.“ (٨۴)

آڱوٺن چمڻ جي جواز تي فتاويٰ شامي جلد اول صفہ ۴٧٩ باب اذان مان هڪ فتويٰ پيش ڪجي ٿي:

”اذان (ٻانگ) جي پهرئين شهادت تي هيئن چوڻ مستحب آهي:

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْكَ يَا رَسُولَ اللّٰهِ

ٻيءَ ٻئي شهادت تي هيئن چوي:

قُرَّةُ عَيْنِي بِكَ يَا رَسُولَ اللّٰهِ

ان کانپوءِ پنهنجن آڱوٺن جا ننهن پنهنجي اکين تي رکي ۽ چوي:

اَللّٰهُمَّ مَتِّعْنِي بِالسَّمْعِ وَالْبَصَرِ

ائين ڪرڻ واري کي حضور رحمة للعالمين صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم پاڻ سان گڏ جنت ۾ وٺي ويندا. (٨٥)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

امام ابو طالب مڪي قوت القلوب ۾ نقل ڪري ٿو ته پيغمبر عليہ الصلٰوة والسلام مسجد ۾ تشريف فرما ٿيا. حضرت بلال رضي الله تعاليٰ عنہ بانگ ڏني ۽ سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنہ حضور پر نور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي نالي مبارڪ اچڻ تي ٻنهي آڱوٺن کي چمي اکين تي رکيو ۽ پڙهيو:

قُرَّةُ عَيْنِي بِكَ يَارَسُولَ اللّٰهِ

اوهان منهنجي اکين جا ٺار آهيو يا رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم (٨٦)

اسم پاڪ شاهہ لولاڪ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم چُمي اکين تي رکڻ حضرت آدم صفي الله عليہ السلام ۽ يار غار وفادار امير المؤمنين سيدنا صديق اڪبر، عتيق اظهر رضي الله تعاليٰ عنہ جي سنت مبارڪ آهي. جنهن کي رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم پسند فرمايو:

جو سنت حضرت آدم ہے وہ سب کو دکھایا کرتے ہیں
ہم چوم کے نام سرور کو آنکھوں سے لگایا کرتے ہیں

## * حضور ﷺ بتن جي پوڄا کي ختم ڪندو:

امام الانبياء صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جڏهن مڪو شريف فتح ڪري مسجد الحرام ۾ داخل ٿيا. تڏهن ڪعبة الله جي طواف جو ارادو ڪيائون پر ان وقت ڪعبي جي چوڌاري ٽي سؤ سٺ بت رکيل هئا. جن کي پتل سان جڙيو ويو هو. انهن ۾ سڀني کان وڏي بت جو نالو "هُبَل" هو. جيڪو ڪعبي جي آڏو بيهاريو ويو هو. جڏهن ته "اِساف" نالي بت صفا تي ۽ "نائلہ" نالي بت مروه تي موجود هئا. پاڻ سڳورا صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم

2020.08.14 16:42
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جڏهن اتي پهتا ته ان وقت سندن هٿ مبارڪ ۾ هڪ ڪمان هئي، جنهن جي چهنب سان هر هڪ بت طرف اک جو اشارو ڪندا رهيا. ۽ زبان مبارڪ سان هيءَ آيت پڙهندا رهيا:

جَآءَ الْحَقُّ وَزَهَقَ الْبَاطِلُ ۭ اِنَّ الْبَاطِلَ كَانَ زَهُوْقًا ۝ (بني اسرائيل:٨١)

**ترجمو:** حق آيو ۽ باطل مٽجي ويو. بيشڪ باطل مٽجي ويندو.

جنهن سان سمورا بت ٻنا ڇهڻ جي منهن ڀر اچي پٽ تي پيا.

ڇت تي هڪ وڏو بت رکيل هو. جنهن جو نالو خزاعة هو جيڪو پتل جو ٺهيل هو ان کي به ڀڄارايائون ته ڪعبي ۾ اندر ڪافرن طرفان، حضرت ابراهيم عليه السلام ۽ حضرت اسماعيل عليه السلام جون تصويرون رکيل هيون، جن کي پڻ ڪڍائي ڇڏيائون. مڪي ۾ موجود ماڻهن جي گهرن ۾ بتن کي ڀڃڻ جو حڪم ڏنائون ۽ وفد ڀرپاسي وارن هنڌن اماڻي بتن کي نيست و نابود ڪيو. (٨٧)

ويو ظلم پوڄا جو گذري زمانو
بتن کان ٿيو آزاد اڄ ڪعبو خانو (٨٨)

اهڙي نموني جيئن وقت گذرندو رهيو تيئن اسلام جو دائرو وڌندو رهيو ۽ بت پرستي ختم ٿيندي ويئي. اڃان به ڪافي ملڪ بت پرستيءَ جي ور چڙهيل آهن. الله رب العالمين چاهيو ته اهي به هڪڙي ڏينهن اسلام جي پالوٽ سان پاڪ ٿي، معبود برحق پالڻهار جي عبادت ڪندا.

تم وہ ہو جن کے سبب توقیر ہے اسلام کی
جلوہ شان احمد تصویر ہے اسلام کی
ہر طرف پھیلی ہوئی تنویر ہے اسلام کی
تم سے ہی چمکی ہوئی تقدیر ہے اسلام کی (٨٩)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
2020.08.14 16:4

## * پاڻ سڳورن ﷺ مٿان ڪڪر هوندو:

ابن سعد ابو نعيم، ابن عساڪر، حضرت عبدالله ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت نقل ڪئي آهي ته " حضرت حليمه رضي الله تعاليٰ عنها پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن کي گهڻو پري وڃڻ نه ڏيندي هئي. هڪ ڀيري ان کان لڪي ٻنپهرن جي وقت پنهنجي رضاعي ڀيڻ شيما سان گڏ ٻڪرين ڏانهن هليا ويا. (بيبي) حليمه رضي الله تعاليٰ عنه ڳولهڻ نڪتي ۽ ڀيڻ سان گڏ ڏسي چوڻ لڳي :

"ههڙي گرمي ۾؟"

ته سندن ڀيڻ چيو امان! منهنجي ڀاءُ کي گرمي نٿي لڳي، مون پاڻ سڳورن (صلي الله عليه وآلهٖ وسلم) جن مٿان ڪڪر کي ڇانوَ ڪندي ڏٺو آهي. جڏهن پاڻ (صلي الله عليه وآلهٖ وسلم) هلن ٿا ته هو به هلي ٿو. ايستائين جو هن جاءِ تي اچي پهتا آهيون. (٩٠)

سر پہ سایہ فگن رہتا تھا
ہر دم ایک سنہری بادل (٩١)

## * پاڻ سڳورا ﷺ چنڊ سان رانديون ڪندا ۽ ان کي جهليندا:

پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن پينگهي ۾ هوندا هئا ته چنڊ سان ڳالهيون ڪندا هئا. جنهن پاسي اشارو ڪندا هئا ته چنڊ ان طرف ويندو هو ۽ فرشتا سندن پينگهو لوڏيندا هئا. (٩٢) ڪتاب نشرالطيب ۾ پڻ آهي ته پينگهو فرشتا لوڏيندا هئا. (٩٣)

نبي اڪرم صلي الله عليه وآلهٖ وسلم جن ننڍپڻ ۾ جڏهن پينگهي ۾ هوندا هئا ته چنڊ سان ڳالهيون ڪندا هئا ۽ پنهنجي آگر سان جڏهن ان ڏانهن اشارو ڪندا هئا ته جيڏانهن آگر ويندي هئي اوڏانهن چنڊ ويندو هو.


2020.08.14 16:44

جڏهن حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم کان ان باري ۾ پڇيو ويو ته پاڻ صلي الله عليه وآله وسلم جن ارشاد فرمايو:

"آئون ان (چنڊ) سان ڳالهائيندو هوس ۽ هو مون سان ڳالهائيندو هو. هو مون کي روئڻ کان منع ڪندو هو ۽ ان جو آواز ٻڌندو هوس جڏهن هو عرش هيٺان سجدو ڪندو هو."(٩٤)

پاڻ ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جن جڏهن ائيتاليهن ورهين جا هئا ۽ مڪي شريف ۾ رهندا هئا. تڏهن قريشي اچي وٽن گڏ ٿيا. ڪين چيائون، ته اسان کي اهو معجزو ڏيکاريو جو چنڊ چيرجي پوي. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم اشهد آڱر سان چنڊ ڏانهن اشارو ڪيو.

اها چوڏهينءَ جي رات هئي. انهيءَ ئي گهڙيءَ چنڊ چيرجي ٻه ڦاڪون ٿي پيو.(٩٥)

ڪٿي شرط آيا، محمد مٺي ڏي
ٿٿي ٻن حصن ۾ اچي چنڊ هيڏي
مڃيندا سون توکي پيغمبر سڳورو
خدا دلربا جو رد نه ڪيو رايو
قمر ڪارڻي ڏي اڌو اڌ ٿي آيو. (٩٦)

## * مبارڪ آهي اهو ڏينهن، جنهن ۾ حضور اڪرم نور مجسم ﷺ تشريف فرما ٿيندو

اهو مبارڪ ڏينهن ڪهڙو آهي؟ جنهن ۾ عالم جي پلائي ٿي ۽ ڪائنات جو ڪارڻي آيو. حضور پرنور شافع يوم النشور صلي الله عليه وآله وسلم جو ارشاد مبارڪ صحيح مسلم ۾ آهي ته:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
2020.08.14 16:4

”حضرت قتاده انصاري رضي الله تعاليٰ عنہ کان روايت آهي تہ:
رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم کان پڇيو ويو تہ توهان هر سومر ڏينهن
روزو ڇو ٿا رکو؟

فرمايائون هي اهو ڏينهن آهي جنهن ۾ منهنجي ولادت ٿي، جنهن ۾
مون تي پهريون ڀيرو قرآن پاڪ نازل ٿيو. (٩٧)

روضۃ الاحباب ۾ حضرت ابن عباس رضي الله عنہ کان روايت آهي
تہ آنحضرت صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي ولادت باسعادت سومر جي ڏينهن
ٿي ۽ وحيءَ جو نزول بہ سومر جي ڏينهن کان شروع ٿيو ۽ حجر اسود کي بہ
موجوده جڳهہ تي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم سومر ڏينهن رکيو.
مکي معظمہ مان هجرت بہ سومر تي ڪئي. مديني منوره ۾ بہ سومر تي داخل
ٿيا. (٩٨)

حضور پر نور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي ولادت باسعادت
سومر جي ڏينهن ٿي، جنهن تي اتفاق آهي. (٩٩)

ناز منجهاران نڪري، جڏهن پرين ڪري ٿو پنڌ
پون پڻ بسم الله چئي، راه چمي ٿي رند
اُپيون گهٽي ادب سين، حورون حيرت هنڌ
سائينءَ جو سوڳنڌ، ساجن سينڌان سهڻو. (١٠٠)

اِهو ڀلارو ڏينهن سومر جو ربيع الاول مهيني جي ١٢ تاريخ وارو
آهي، جڏهن تہ تاريخن ۾ اختلاف آهي. جن ۾ پهرين روايت ربيع الاول جي
ٻارهين تاريخ ٻڌائي وئي آهي ۽ اها روايت وڌيڪ مشهور آهي. (١٠١)

ربيع الاول ۾ سال سڄي کان رازيري آ هڪڙي رات
ٻارهين سومر جنهن ۾ جائي جام محمد ﷺ جهڙي ذات (١٠٢)

بعض علماء ڪرام جو هن ڳالهہ تي اتفاق آهي تہ ربيع الاول جي
ٻارهين تاريخ هئي. (١٠٣)

2020.08.14 16:46
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بارھویں کے چاند کا مجرا ہے سجدہ نور کا
بارہ برجوں سے جھکا اک اک ستارہ نور کا (١٠٤)

## سومر ڏينهن آمد جي حڪمت:

حضور پر نور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي سومر ڏينهن آمد ۾ حڪمت هيءَ آهي تہ ان ڏينهن سيئي وڻ پيدا ڪيا ويا هئا. جن مان انسانن کي خوراڪ ملي ٿي. (١٠٥)

## ولادت باسعادت واري رات ليلة القدر کان افضل آهي:

امام قسطلاني رحمة الله عليہ مواهب لدنيہ ۾ فرمائي ٿو: "جيڪڏهن ڪير اعتراض ڪري يا دريافت ڪري تہ حضور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي ولادت باسعادت واري (١٢ ربيع الاول جي رات) افضل آهي يا ليلة القدر (قدر واري رات) ٢٧ رمضان المبارڪ جي رات)؟

تہ آئون ان جي جواب ۾ چوندس، "حضور نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي ڄمڻ واري رات ليلة القدر کان افضل آهي. جنهن جي افضليت جا ٽي سبب آهن:

1. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جي ولادت مبارڪ جي رات اها رات آهي، جنهن ۾ حضور نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن جو ظهور مبارڪ ٿيو ۽ ليلة القدر کين عطا ڪيل رات آهي. جيئن تہ اها رات جنهن کي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي ظهور جو شرف مليو. اها ان رات کان پلي هوندي، جنهن کي شرف ان رات ۾ تشريف آڻيندڙ شخصيت جي عطا سان مليو ۽ ان ۾ ڪو بہ اختلاف ڪونهي. تنهن ڪري ولادت با سعادت واري رات ليلة القدر کان پلي ٿي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com 2020.08.14

دروازا بند ٿيا. ان ڏينهن سج وڏيڪ روشن ٿيو. ان سال جن عورتن کي حمل هو تن سڀني کي پٽ ڄاوا. (١٠٩)

## ميلاد جي خوشيءَ ۾ قدرتي جهرمر:

روايت آهي تہ رسول الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي ولادت وقت سندن والده ماجده حضرت بيبي آمنہ (رضي الله تعاليٰ عنها) فرمايو: مون ڏانهن آسمان مان تارا هلي آيا. مون سمجهيو تہ ڄڻ ٿا منهنجي مٿان ڪرن، پر اهي اکين آڏو اچي بيهي رهيا.

مٺي مرسل جا اهڃا سارا هيندڙ ڏسي مان عجب ۾ پئجي ويس. (١١٠)

## فارس جو قلعو لڏي ويو:

جنهن رات ڪائنات جو ڪارڻي رسول اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم تولد ٿيا، ان رات ڪسريٰ جو ڪوٽ لڏي ويو. اهو قلعو فارس جي بادشاهہ جو هو. جنهن جو نالو نوشيروان هو. ان جا محل ۽ ماڙيون ڏڏي ويون ۽ ڪوٽ جا چوڏهن ڪنگرا ڪري پيا. (١١١)

## هزارن سالن کان ٻرندڙ باهہ وسامي وئي:

ملڪ فارس (ايران) ۾ ماڻهو باهہ جي پوڄا ڪندا هئا. هنن وڏا قلعا اڏيا هئا. باهہ جي پوڄا لاءِ هڪ هنڌ باهہ ٻاري ڇڏي هئائون. جنهن کي رات ڏينهن ٻاريندا رهندا هئا ۽ اُجهامڻ نہ ڏيندا هئا. ان ڪم لاءِ ڪيترائي ماڻهو مقرر ڪري ڇڏيا هئائون. ان باهہ کي ٻرندي هزار ورهيہ گذري چڪا هئا ۽ انهيءَ عرصي ۾ باهہ ڪڏهن بہ وسامي نہ هئي. جنهن رات خيرالوريٰ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي ولادت ٿي، ان رات اها هزار ورهين کا ٻرندڙ باهہ وسامي رک ٿي وئي. (١١٢)

هڪ ٻئي هنڌ اچي ٿو تہ ايران جي آتش ڪده (اوڙاهہ) جي باهہ اُجهامي وئي. جنهن جي اهي پوڄا ڪندا هئا. جيڪا ٻن هزارن سالن کان

2020.08.14 16:4
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

آڳاٽي ٻري رهي هئي. جنهن کي ٻارڻ لاءِ انهن ڪيترائي حيلا وسيلا هلايا پر عاجز رهيا. (١١٣)

## ساوي درياهہ سُڪي ويو

ساوي درياهہ جتي مشرڪ شرڪ ڪندا هئا ۽ دشمنيون پڪيڙيندا هئا. هي هڪ وڏو درياهہ هو جنهن ۾ ٻيڙا هلندا هئا. هن جو پيٽ فرلانگ ڪان بہ وڏو هو ۽ هي عراق، همدان ۽ قم وچ ۾ وهندو هو سو پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي ولادت وقت سڪي ويو. اهڙو سڪو جو خبر ئي نہ پوندي هئي، تہ هتي بہ ڪو درياهہ هو. (١١٤)

## جنن کي آسمان مان تڙيو ويو:

جنهن رات نبي آخر زمان صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم تولد ٿيا، ان رات ديون (جنن) کي تارن تڙي ڪڍيو انهن پنهنجي اُماڙيءَ سان جنن کي ساڙي رک ڪري ڇڏيو. اڳ ۾ اهي جن مٿي آسمانن ڏانهن ويندا هئا ۽ اتان جو ن ڳالهيون اچي ڪاهنن (پوپن) کي ٻڌائيندا هئا. جڏهن حضرت پاڻ سڳورا نبي ٿي آيا تہ الله تعاليٰ انهن سيني ديون (جنن) کي آسمان مان تڙائي ڪڍيو. ان ڪان پوءِ هاڻي انهن مان ڪو بہ آسمانن ڏانهن وڃي نہ ٿو سگهي. جيڪڏهن ڪو وڃي ٿو تہ تارا تڙي ڪڍنس ٿا. (١١٥)

## ولادت جي خوشي ملهائڻ ۾ ڇوٽڪارو آهي:

بخاري شريف جي حديث کي محور بڻائيندي مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليہ لکي ٿو تہ "جڏهن هن زمين تي پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي نور جو ظهور ٿيو تہ اها سونهاري رات سومر جي هئي، اها خبر "ثويبہ" نالي هڪ ٻانهيءَ اچي ابولهب کي ڏني، جيڪو قريش خاندان مان هو. هن ڪيس ٻڌايو تہ قريش خاندان ۾ هڪ ڏاڍو خوبصورت ٻار پيدا ٿيو آهي. جيڪو سونهن ۾ سلوڻو آهي ۽ منجهانئس ڪٿوري کان بہ وڌيڪ سرهاڻ پئي اچي، سونهن ۾ سيني کان سرس آهي ۽ ماڪيءَ کان بہ مٺو آهي جيڪڏهن

2020.08.14 16:50
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

دنيا کي پرينءَ جو پڙلاءُ پوي تہ حيرت ۾ پئجي وڃي. ان جي آءُ ڪهڙي تعريف ڪري ڪهڙي ڪريان!

نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جو نور ڏسي سڀ شڪ شبها دور ٿي ويا. پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي لبن مبارڪن جي لڳڻ کان اڳ ۾ ئي منهنجي ٿڻن ۾ کير پئجي ويو. وڏي سڪ ۽ محبت مان اهو کير پرينءَ کي پياريم. اها خبر توکي ٻڌائڻ آئي آهيان.

اها خبر ٻڌندي ئي ابولهب خوش ٿيو. سندس جسم ۾ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي ويئي. دل ۾ دين تہ ڪو نہ هيس. پر ويجهي مائٽيءَ جي ڪري کيس خوشي ٿي. ان خبر آڻيندڙ ٻانهيءَ ثويبہ کي مخاطب ٿي چيائين تہ جيئن تہ اها مبارڪ خبر آندي آهي، تنهن ڪري تون آزاد آهين.

ابولهب جي مرڻ کان پوءِ هڪ رات حضرت عباس (رضي الله تعاليٰ عنہ) کيس خواب ۾ ڏٺو پڇيائينس تہ ڏي خبر ڪهڙي حال ۾ آهين؟ ان تي ٻڌايائينس، تہ مون دنيا ۾ ڏاڍا خراب ڪم ڪيا، اسلام قبول نہ ڪيو ۽ ڪافر رهيس، انهيءَ ڪري ڏاڍي تڪليف ۾ آهيان ۽ عذاب ۾ مبتلا آهيان. البت سومر رات جنهن رات مون نبي ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي ولادت جي خبر ٻڌي ثويبہ کي آزاد ڪيو هو. ان رات عذاب ڍرو ٿئي ٿو. اهي ٻہ آڱريون ۽ آڱوٺو جنهن سان اشارو ڪري، ثويبہ کي آزاد ڪيو هوم. انهن مان پاڪ پاڻي نڪرندو آهي، جيڪو منهنجو قوت هوندو آهي. اهو پاڻي ڏاڍو مٺو ۽ فرحت بخش هوندو آهي. ان جي پيئڻ سان روح کي راحت ملندي آهي.

حضرت محمد ڪريم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جا مون تي ايڏا احسان آهن. جيڪڏهن مٿن ايمان آڻي ڪلمون پڙهان ها تہ جيڪر وڏا درجا ماڻيا ها. ٻنهي جهانن جي سردار جي صورت ۽ سيرت ۾ ڪو بہ جوڙ جيس ڪونهي، سونهاري سپرين جي فضل ۽ ڪرم جو ڪنڌي ڪنارو ئي ڪونهي. اهو پرين سڀاجهو آهي. جڏهن ڪافرن سان بہ اهڙا وڙ ٿو ڪري، تہ اهو

2020.08.14 16:5
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وسلم جا مداح ۽ ثنا گر گهرائي انهن کان ساراهه پڌن ٿا. مداح ۽ ثناگر ماڻهن کي شعرن جي صورت ۾ حضور نبي ڪريم صلي الله عليه وآله وسلم جي اخلاقن کي اپنائڻ تي اپارين ٿا. هي سڀ ڳالهيون اهڙيون آهن، جيڪي مسلمانن جي دلين ۾ نيڪ ڪم ڪرڻ ۽ بدعات و منڪرات کان بچڻ ڏانهن مائل ڪن ٿيون. (١١٩)

مومن ٿا ميلاد ملهائن، مدني جا تورا ٿا ڳائن
منڪر موڳا منهن لڪائن، شوم ماڻهن شرمايو آ (١٢٠)

## محفل ميلاد جو ٻيو رباني عظيم الشان جلسو

پياري محمد مصطفيٰ صلي الله عليه وآله وسلم جو ٻيو عظيم الشان، جلسو الله تبارڪ و تعاليٰ معراج النبي واري رات مسجد اقصيٰ ۾ منعقد ڪيو. پهرئين جلسي ۾ ته فقط انبياء ۽ مرسلين ئي شامل هئا، جن کان الله تعاليٰ وچن ورتو هو. پر هن جلسي ۾ سيني نبين ۽ رسولن کان سواءِ فرشتن جا سردار حضرت جبرائيل عليه السلام، حضرت ميڪائيل عليه السلام حضرت عزرائيل عليه السلام، حضرت اسرافيل عليه السلام ۽ ستر هزار فرشتا به شريڪ هئا.

جڏهن پاڻ سڳورا صلي الله عليه وآله وسلم جن مسجد اقصيٰ ۾ داخل ٿيڻ لڳا ته اتي آجيان لاءِ هڙئي نبي سڳورا موجود هئا، انهن ۾ حضرت آدم عليه السلام کان حضرت عيسيٰ عليه السلام تائين سڀ جا سڀ نبيءَ سڳورا حاضر هئا. جتي نماز لاءِ صف بندي تي پئي هئي. باقي مصلو امامت لاءِ خالي هو. جنهن تي آقاءِ نامدار سيد المرسلين صلي الله عليه وآله وسلم کي جبرائيل امين عليه السلام بحڪم باري تعاليٰ هٿ کان جهلي مصلي تي ويهاريو. پاڻ سڳورن صلي الله عليه وآله وسلم ٻن رڪعتن واري نماز جي امامت ڪرائي. تفسير روح المعاني واري لکيو آهي ته:

2020.08.14 16:52
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"يعني امامت ۾ ئي حڪمت هئي، تہ اھا ڳالھ سيني تي پڌري ٿي وڃي تہ آئون سيني جو امام آھيان." نماز کان فارغ ٿي، نبين سڳورن الله رب العالمين جي ساراھہ ڪئي ۽ پنھنجين خاصيتن ۽ ڪمالن جو ذڪر ڪيو."

جنھن بعد حضور پر نور شافع يوم النشور صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن خطبو ارشاد فرمايو.

پھرئين ميلاد جي جلسي ۾ فقط نبين سڳورن کان وچن ورتو ويو ھو. پر ھن ميلاد جي جلسي ۾ سيني نبين سڳورن، پاڻ سڳورن صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي امامت ۾ نماز ادا ڪئي ۽ سندن عظمت و فضيلت جي بيان ڪري ان ميثاق کي عملي شڪل ڏني، تہ جيتوڻيڪ اوھان اسان جي زماني ۾ تشريف فرما نہ ٿيا. پر اسين اوھان جو انتظار ڪندا رھياسين ۽ اڄ اوھان جي امتي ھجڻ جو عملي مظاھرو ڪري رھيا آھيون. (١٢١)

شب معراج اقصيٰ ۾، سڳورا سڀ صفن ۾ ھئا
محمّد مصطفيٰ مدني، امام الانبياء آھي. (١٢٢)

## محفل ميلاد جو ٽيون رباني جلسو

قيامت جو ڏينھن حقيقت ۾ ميلادِ مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم آھي، ڇاڪاڻ تہ ان ڏينھن الله تعاليٰ جي پياري محبوب حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جو وقار ۽ شان ھر ڪنھن تي پڌرو ھوندو. جتي نبيءَ سڳورا "اِذْھَبُوْا اِلٰى غَيْرِىْ" پيا چوندا. اُتي آقاءِ نامدار صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم کي الله تعاليٰ مقام محمود تي فائز فرماءِ، شفاعت جي پڳ پارائي، ھر ھڪ پنھنجي ۽ پرائي، ايماندار ۽ بي ايمان، نيڪ ۽ بد، کي سندن شان ۽ عظمت ڏيکاريندو.

قيامت جس کو کہتے ہیں وہ ہے عید اہلسنت کی
اک طرف جلوہ خدا ہوگا، اک طرف صورت محمد کی (۱۲۳)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
2020.08.14

یہ سن کے آپ شفیع گناہ گاراں ہیں
کئے ہیں میں نے اکٹھے گناہ کے انبار (١٢٤)

## ميلاد شريف ۾ جهنڊا لڳائڻ:

اسين ميلاد النبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي خوشيءَ واري موقعي تي گهر گهر جهنڊا لڳائيندا آهيون. ۽ جهنڊا لڳائي الله جل شانہ جي سنت ادا ڪندا آهيون.

الله رب العزت ميلاد النبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي ڏهاڙي تي جهنڊا لڳارايا. حضرت بيبي سيده آمنہ رضي الله تعاليٰ عنها جو ارشاد مبارڪ آهي تہ:

"الله تعاليٰ منهنجي اکين تان حجاب ڪنيا ۽ اوير ڪان اولهہ تائين سموري زمين منهنجي روبرو ڪئي وئي. جنهن ڪي مون پنهنجي اکين سان ڏٺو. ۽ مون تي جهنڊا ڏٺا. هڪ اوير طرف لڳايو ويو ٻيو اولهہ پاسي لڳايو ويو ۽ ٽيون جهنڊو ڪعبة الله جي ڪڌ تي کوڙيو ويو." (١٢٥)

## ميلاد جون ريليون ڪڍڻ:

١٢ ربيع الاول تي ميلاد النبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جون عظيم ريليون ڪڍي آقاءِ دو جهان صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي آمد باسعادت تي خوشي ۽ مسرت جو اظهار ڪيو وڃي ٿو. جيڪو انتهائي ضروري آهي. ان جو انتظام ڪرڻ ايمان جي علامت آهي.

ميلاد جون ريليون اسين ڇو نہ ڪڍون. جتي دنيا ۾ پاسبان پاران عافيہ مشعل بردار ريلي ڪڍي وڃي ٿي. (١٢٦)

- جتي جماعة الدعوة پاران لاهور ۾ تحفظ قبلہ اول ڪاروان ڪڍيو وڃي ٿو (١٢٧)
- جتي خادم الحرمين شريفين جي صحتيابيءَ تي جشن ۽ جلوس ڪڍيا وڃن ٿا. (١٢٨)

2020.08.14 16:53
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

- جتي تحفظ ختم نبوت پاران توهين رسالت واري قانون ۾ امڪاني ردوبدل خلاف ڪوئيٽا ۾ ريلي ڪيڊي وئي هئي. (١٢٩)
- جتي تحريڪ حرمت رسول پاڪستان پاران حرمت رسول جا جلوس ڪڍيا وڃن ٿا. (١٣٠)

تہ پوءِ انهن سڀني کان افضل ريلي ميلاد جي آهي، جنهن جي ڪري ٻي سڀني ريلين نڪرڻ جو جواز پيدا ٿيو. مڪتوبات شريف پير روضي ڌڻي رحمة الله عليہ ۾ سوانح حيات پير سيّد محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله تعاليٰ عليہ ۾ آهي تہ:

"ميلاد النبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم ملهائڻ بيشڪ بهترين عمل آهي. اهو نيڪ عمل صدين کان سلف صالحين ملهائيندا اچن ٿا. خاص ڪري اسان جي سنڌ ۾ ان رسم کي عرس جي نالي سان ملهايو ويندو آهي. موجوده دؤر ۾ مختلف ممالڪ جي اندر هر هنڌ تي دنياجي اڪابرن جون ورسيون ۽ سالگرهون ملهايون وڃن ٿيون ۽ انهن جي ڪارنامن تي روشني وجهڻ لاءِ جلسا ۽ اجتماع ڪيا وڃن ٿا. ليڪن افسوس جو اسان جي نبي آخر زمان، اڙين جي آڌار مسڪينن جي مددگار يتيمن جي يار ۽ بيڪسن جي پرجهلي حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي ميلاد ملهائڻ واري رسم کي ڪي مسلمان غير شرعي فعل تصور ڪنديءَ شرڪ چون ٿا.

دراصل انگريزن ۽ ٻين غير مسلمانن اهو گڏجي فيصلو ڪيو تہ جيستائين مسلمانن جي سرواڻ ۽ آقا حضرت رسول اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي عظمت ۽ مرتبت انهن جي دل ۾ موجزن هونديءَ تيستائين مسلمان قوم تي فاتح ٿيڻ جو سوال ئي پيدا نٿو ٿئي. ان ڪري انهن سڀ کان پهريائين مؤمنن جي دلين مان عظمت رسول کي گهٽائڻ جا نمونا ۽ طريقا تلاش ڪري مسلمانن مان ئي ڪجهہ ماڻهو خريد ڪري ورتا. جيڪي رسول

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الله صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي عظمت کي مشڪوڪ ڪرڻ لاءِ مختلف حربن سان نت نوان مسئلا پيدا ڪري سامهون آيا.

هر صاحب علم ۽ ذي شعور ان ڳالهہ کي چڱي طرح سمجهي سگهي ٿو تہ رسول اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جن کي دين اسلام جي مثالي آبياري ڪرڻي هئي. جو خود خدا پاڪ سندن آمد کي مؤمنن لاءِ احسان ڄاڻائيندي فرمايو آهي تہ اي مومنو! توهان تي منهنجو احسان آهي، جو توهان ڏانهن وڏي مرتبي ۽ مان وارو رسول موڪليو اٿم. (آل عمران:١٦٣) پوءِ ان خداوندي احسان جي شڪر ۽ خوشيءَ ۾ جيڪڏهن ڪو مسلمان ميلاد النبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جي تقريب، قائم ڪري تہ ان کي ناجائز وغيره چوڻ ڪڏهن بہ ايمان واري مسلمان جو ڪم نٿو ٿي سگهي.

ميلاد النبي صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم ملهائڻ تہ مسلمانن جو اخلاقي ۽ اسلامي فرض آهي ۽ مسلمانن جي مٿان حضرت رسول اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖ وسلم جو قرض آهي. جنهن کي پوري ڪرڻ لاءِ مسلمان جي حيثيت سان جوابدار آهيون. ان کانسواءِ اڪابرين امت، اولياءَ الله ۽ سلف صالحين، خود پاڻ اهڙين پاڪ تقريبات جي انعقاد لاءِ تحريص ۽ ترغيب ڏياريندا رهيا آهن.

حضرت پير سائين سيد محمد راشد روضي ڌڻي رحمة الله تعاليٰ عليہ جن ربيع الاول جي مهيني ۾ حضرت رسول اڪرم صلي الله عليہ وآلہٖوسلم جو عرس مبارڪ انتهائي احترام ۽ عقيدت سان ملهائيندا هئا ۽ پنهنجي پوئلڳن کي پڻ ان جي تلقين فرمائيندا هئا." (١٣١)

امام ابوعبدالله بن الحاج پنهنجي ڪتاب المدخل ۾ ميلاد پاڪ تي نهايت شاندار گفتگو ڪئي آهي. جنهن جو خلاصو هي آهي تہ هن محفل ۾ ميلاد شريف جا شعار (جهڙوڪ: اجتماع، جلوس، جلسہ، نعره ۽ جهنڊن) جو اظهار ڪرڻ ۽ شڪر خداوندي آڻڻ لائق مدح آهي. (١٣٢)

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com
2020.08.14

## حوالا:

(1) مدارج النبوت جلد-٢ صفحہ ٨٥٥، شاهہ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليہ مطبوعہ مکتبہ اسلاميہ اردو بازار لاهور
(2) شاهہ جو رسالو سر کلياڻ شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحمة الله عليہ
(3) مصنف عبدالرزاق بحوالہ نشر الطيب في ذکر النبي الحبيب صفحہ - ٦ از مولانا اشرف علي ٿانوي صاحب مطبوعہ تاج ڪمپني ڪراچي.
مدارج النبوت جلد : ١ ، صفحہ ١، شاهہ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليہ
(4) ڪليات مصري شاهہ صفحہ ١٦٥: حضرت سيد مصري شاهہ امامہ رحمتہ الله عليہ
(5) حدائق بخشش حصو پهريون
(6) عيد ميلاد النبي ڪا بنيادي مقدمہ صفحہ ۴: شيخ الحديث ابوالفتح محمد نصر الله خان.
(7) مرقاة السالڪين شرح مراة العارفين صفحہ ۴٧: سيدنامولا حسين رضي الله تعاليٰ عنہ شارح شيخ الحديث محمد فيض احمد اويسي رحمة الله عليہ مطبوعہ زاويہ پبلشرز لاهور.
(8) مڪتوبات امام رباني جلد ٽيون مڪتوب نمبر ١٢۴: امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي رحمة الله عليہ.
(9) ديوان احسن: حافظ محمد احسن ملڪاڻي
(10) فتوحاتِ مڪيہ جلد ٢ صفحہ ٢٦٣: محي الدين ابن عربي رحمة الله عليہ مترجم علامہ صائم چشتي رحمة الله عليہ مطبوعہ علي برادران تاجران ڪتب فيصل آباد.
(11) ديوان واصف: محمد بخش واصف.
(12) نالہ امداد غريب
(13) شهباز نامو: حضرت عثمان مرندي المعروف سخي لعل شهباز قلندر رحمة الله عليہ مترجم مخدوم غوث محمد گوهر.
(14) انجيل برنباس باب ٣٠ آيت ٢٠ ۽ باب ٣٩ آيت ٢٠ مطبوعہ صديقي ٽرسٽ ڪراچي.
(15) سورة آل عمران آيت ٨١ ترجمو بيان الرحمن في ترجمة القرآن: علامہ عبدالوحيد جان سرهندي دامت برڪاتهم العاليہ

2020.08.14 16:55
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(16) شاهہ جو رسالو سر ڪلياڻ.

(17) نثار علي اُجاگر.

(18) عربي قصيدو اغثني يا رسول الله صلي الله عليہ و آلہ وسلم، مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليہ.

(19) نثر الدرر علي مولد ابن حجر: علامہ سيد احمد بن عبدالغني بن عمر عابدين دمشقي رحمة الله عليہ رسائل ميلاد مصطفيٰ صفحہ ٥٨. مرتب عبدالاحد قادري مطبوعہ قادري رضوي ڪتب خانہ لاهور. مدارج النبوت جلد ٻيو، صفحہ ١٢٤، شاهہ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليہ.

(20) استثنا باب ٣٣ آيت ٢.

(21) جاويد و ششت شيو پرشاد بحوالہ ٻهر زمان ٻهر زبان صفحہ ٢١٥ نور احمد ميرٺي.

(22) ملاڪي باب ٣ آيت ١ ۽ ٢.

(23) "راز" لائلپوري بحوالہ ٻهر زمان ٻهر زبان صفحہ ٢٨٤.

(24) جگن ناٿ آزاد بحوالہ ٻهر زمان ٻهر زبان صفحہ ١٤٨

(25) گرسرن لال اديب لکنوي بحوالہ ٻهر زمان ٻهر زبان صفحہ ١١١.

(26) برق پڳوان داس بحوالہ ٻهر زمان ٻهر زبان صفحہ ١٧٩.

(27) ڪمال ڪرتار پوري جگن ناٿ بحوالہٻهر زمان ٻهر زبان صفحہ ٤٩٩.

(28) سورة احزاب: ٤٦ ترجمو بيان الرحمن

(29) گرسرن لال اديب لکنوي: بحوالہ ٻهر زمان ٻهر زبان صفحہ ١١٠.

(30) ماهر بلگرامي بحوالہ ٻهر زمان ٻهر زبان صفحہ ٥٣٥.

(31) حدائق بخشش

(32) سوره آل عمران: ٨١ ترجمو بيان الرحمن

(33) زبور باب ٧٢ آيت ١٧.

(34) خاندانِ مصطفيٰ (صلي الله عليہ وسلم): سيد محمد سعيد الحسن شاهہ صاحب

(35) شاهہ جو رسالو: سُر حسيني.

(36) زبور باب ٧٢ آيت ١٤.

(37) سوره الم نشرح آيت ٤ ترجمو (بيان الرحمن)

(38) سوره احزاب آيت ٥٦، ترجمو: مولانا تاج محمود امروٽي صاحب

(39) حدائق بخشش ٻيو حصو: اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان بريلوي رحمة الله عليہ

2020.08.14

(40) زبور باب ۴۵ آيت ۵
(41) گنيش بهاري "طرز" لکنوي بحوالہ بهر زمان بهر زبان صفحہ ۴۳۷.
(42) بهر زمان بهر زبان صفحہ ۵۸۹
(43) انجيل يوحنا باب ۱۶ آيت ۱۱ کان ۱۴
(44) بائبل پر ردو بدل: محمد اسلم رانا.
تفصيل لاءِ اسلامي مشن لاهور جا ڪتاب ماهوار رسالو المذاهب لاهور. ان کانسواءِ شيخ الحديث علامہ ابوالحسنات محمد اشرف سيالوي جا عيسائيت تي لکيل ڪتاب ڏسو.
(45) موردِ الروي في مولدالنبي: علامہ ملا علي قاري رحمة الله عليہ رسائل ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم صفحہ ۳۱۱.
(46) نثر الدرر عليٰ مولد ابن حجر:
علامہ سيد احمد بن عبدالغني بن عمر عابدين دمشقي رحمة الله عليہ رسائل ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم صفحہ ۵۲.
(47) طواسين صفحہ: ۹۰ حسين بن منصور حلاج رحمة الله عليہ مترجم عتيق الرحمان عثماني مطبوعہ تصوف فائونڊيشن لاهور.
(48) مڪتوباتِ امام رباني جلد اول صفحہ ۱۸۹ مڪتوبہ نمبر ۴۴: حضرت امام رباني مجدد الف ثاني شيخ احمد سرهندي رحمتہ الله عليہ مترجم قاضي عالم الدين نقشبندي مطبوعہ ضياءُ القرآن پبلشرز لاهور.
(49) قصيدو بردو شريف: امام شريف الدين بوصيري رحمة الله عليہ. مترجم ماستر احمد علي لغاري صاحب مطبوعہ سنڌي ادبي بورڊ حيدر آباد.
(50) پريو ديال عاشق لکنوي: بهر زمان بهر زبان صفحہ ۴۴۲
(51) سوره نجم آيت ۳ ۽ ۴ ترجمو بيان الرحمن.
(52) گيان چند "منصور" نسيمي بهر زمان بهر زبان صفحہ ۵۲۵.
(53) شيخ عبدالرحيم گرهوڙي رحمة الله عليہ جو ڪلام صفحہ ۳۰۵. مرتب شمس العلما علامہ عمر دائود پوٽو. مطبوعہ سنڌي ساهت گهر حيدرآباد.
(54) انباءُ الحي ان ڪلامہ المصون تبيان لڪل شي اردو ترجمو بنام قرآن هر شيءِ ڪا بيان صفحہ ۳۹۹. اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان صاحب بريلوي رحمة الله عليہ مترجم علامہ مولانا محمد عيسيٰ رضوي قادري مطبوعہ مڪتب اعليٰ حضرت لاهور.
(55) ايضاً صفحہ ۴۲۷.

2020.08.14 16:57
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(56) طواسين صفحہ ٩١: حسين بن منصور حلاج رحمة الله عليہ مترجم عتيق الرحمان عثماني مطبوعہ تصوف فائونڊيشن لاهور.
(57) مسلم شريف: عربي اردو جلد ٽيون ڪتاب الفضائل حديث نمبر ٥٩٩٨ مطبوعہ شبير برادرز لاهور.
(58) ترمذي شريف عربي اردو جلد ٻيون ابواب المناقب حديث نمبر ١٦٧٢ مطبوعہ فريد بڪ اسٽال لاهور.
(59) سنن ابن ماجہ عربي اردو جلد ٢ ڪتاب الاشربہ باب الخمر يسمونها بغير اسمر حديث نمبر ١١٧۴ مطبوعہ ايضاً
(60) ترمذي شريف عربي اردو جلد ٢ ابواب القرآن حديث نمبر ١٠٧٧ مطبوعہ ايضاً
(61) ترمذي شريف عربي اردو جلد ٢ باب الزهد حديث نمبر٢١٢ مطبوعہ ايضاً
(62) ايضاً حديث نمبر ٢٨.
(63) مسلم شريف عربي اردو جلد ٣ ڪتاب.
صفات المنافقين و احڪا مهر حديث نمبر ٦٩١١ مطبوعہ شبير برادرز لاهور.
(64) بخاري شريف عربي اردو جلد ٢
ڪتاب المناقب حديث نمبر ٨٢٠ مطبوعہ ايضاً.
(65) ٽيہ ڪوڙا صفحہ ٢٨- پروفيسر ڪريم بخش نظاماڻي مطبوعہ مهراڻ اڪيڊمي.
(66) سوره تڪوير آيت ٢۴
(67) شيخ عبدالرحيم گرهوڙيءَ جو ڪلام صفحہ ٣٥: شمس العلما علامہ ڊاڪٽر عمر دائود پوٽو.
(68) حدائق بخشش.
(69) انجيل برنباس باب ٢٩ آيت ١۴ کان ١٩
(70) انجيل برنباس باب ٣٩ آيت ٢٣ کان ٢٧.
(71) انجيل برنباس ٧٢ آيت کان ١٥
(72) انجيل برنباس ٧۴ آيت کان ١۴
(73) انجيل برنباس ٧٢ آيت کان ١٨
(74) صيد ڪتولوي: ٻهر زمان ٻهر زبان صفحہ ۴٢٩

2020.08.14 16:58
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(103) (ا) مولد العروس: علامہ ابن جوزي رحمة الله عليہ
رسائل ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليہ و آلہ وسلم صفحہ ٢٢٨.
(ب) المورد الروي في مولد النبي: علامہ ملا علي قاري رحمة الله عليہ
رسائل ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليہ و آلہ وسلم صفحہ ٣٤٠
(ت) مدارج النبوت جلد اول: شاهہ عبدالحق محدث دهلوي رحمة الله عليہ
(ث) رحمت عالم صفحہ ١٠: سيد سليمان ندوي صاحب.
(ج) سيرت خاتم الانبياء: مفتي محمد شفيع ديوبندي صاحب.

(104) حدائق بخشش حصو ٻيو

(105) نثر الدرر علي مولد ابن حجر: علامہ سيد احمد دمشقي رسائل ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليہ و آلہ وسلم صفحہ ١١٨.

(106) ايضاً صفحہ ١٢٣

(107) نطق الهلال بارخ ولا دالحبيب والوصال فصل اول. اعليٰ حضرت مجدد دين، ملت الشاه امام احمد رضا خان بريلوي رحمة الله عليہ

(108) محبت جو آواز صفحہ ٥٦: صاحبزاده محمد ڪرم الله الاهي المعروف دلبر سائين دامت برڪاتهم العاليہ

(109) قوة العاشقين صفحہ ٣٤: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليہ

(110) ايضاً صفحہ ٣٦

(111) ايضاً صفحہ ٣٧

(112) ايضاً صفحہ ٣٨

(113) المورد الروي في مولدالنبي: علامہ ملا علي قاري رحمة الله عليہ رسائل ميلاد مصطفيٰ صلي الله عليہ و آلہ وسلم صفحہ ٣٣١

(114) ايضا صفحہ ٣٣١

(115) قوة العَاشقين صفحہ ٤٠: مخدوم محمد هاشم ٺٽوي رحمة الله عليہ

(116) ايضاً صفحہ ٣٩- ٣٨. بخاري شريف جلد ٽيون ڪتاب النڪاح حديث نمبر ٩٣ مطبوعہ شبير برادرز لاهور.

(117) محبت جو آواز صفحہ ٥٦: صاحبزاده محمد ڪرم الله الاهي دلبر سائين دامت برڪاتهم العاليہ

(118) مولد العروس: علامہ عبدالرحمن ابن جوزي رحمة الله عليہ

2020.08.14 17:00
www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه



★ ميلاد مصطفيٰ ﷺ آرگنائزيشن مٺياري ★

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com